# سنڌ ايڪٽ نمبر XXI مجريہ 1972

# SINDH ACT NO.XXI OF 1972

# زميني سڌارا ريگيوليشن (سنڌ ٻي ترميم) ايڪٽ، 1972

# THE LAND REFORMS REGULATION (SINDH SECOND AMENDMENT) ACT, 1972

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short Title, Extent and commencement

2. مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 7 جي ترميم

Amendment of paragraph 7 of M.L.R 115

3. مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 8 جي ترميم

Amendment of paragraph 8 of M.L.R 115

4. مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 10 جي ترميم

Amendment of paragraph 10 of M.L.R 115

5. مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 12 جي ترميم

Amendment of paragraph 12 of M.L.R 115

6. مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 13 جي ترميم

Amendment of paragraph 13 of M.L.R 115

7. مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 18 جي ترميم

Amendment of paragraph 18 of M.L.R 115

8. مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 19 ۽ 21 جي ترميم

Amendment of paragraph 19 and 21of M.L.R 115

9. مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 22 جي ترميم

Amendment of paragraph 22 of M.L.R 115

10.مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 23 جي ترميم

Amendment of paragraph 23 of M.L.R 115

11. 1972 جي سنڌ آرڊيننس XIV جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance XIV of 1972

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXI مجريہ 1972

# SINDH ACT NO.XXI OF 1972

# زميني سڌارا ريگيوليشن (سنڌ ٻي ترميم) ايڪٽ، 1972

# THE LAND REFORMS REGULATION (SINDH SECOND AMENDMENT) ACT, 1972

[28 ڊسمبر 1972]

هڪ ايڪٽ جنهن ذريعي زميني سڌارا ريگيوليشن، 1972 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ زميني سڌارا ريگيوليشن، 1972 (MLR No.115) ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

جيئن تہ وقتي آئين جي آرٽيڪل 280 جي شق (3) جي شرطيہ بيان پٽاندڙ صدر جي اڳواٽ اجازت کانسواءِ مذڪوره ريگيوليشن جي ترميم يا منسوخي لاءِ بل آڻي نہ ٿو سگھجي.

۽ جيئن تہ صدر ان سلسلي ۾ منظوري ڏيڻ فرمائي آهي.

جنهن تي هيٺين ريت عملدرآمد ڪيو ويندو.

**مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات**
Short Title, Extent and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي زميني سڌارا ريگيوليشن (سنڌ ۾ ترميم) ايڪٽ، 1972 سڏيو ويندو.

(2) هي پوري صوبي سنڌ ۾ لاڳو هوندو.

(3) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ 11 مارچ 1972 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

**مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 7 جي ترميم**
Amendment of paragraph 7 of M.L.R 115

2. زميني سڌارا ريگيوليشن، 1972 (MLR 115) ۾، جنهن کي هن بعد ۾ ڄاڻايل ريگيوليشن سڏيو ويندو، ان جي پيراگراف 7 جي ذيلي پيراگراف (1) ۾،

(a) شق (b) ۾، شرطيہ بيان کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو ۽ ان کي هميشہ ايئن ئي تبديل ٿيل سمجهيو ويندو، يعني:

”جيڪڏهن تحفي ۾ ڪا زمين ڏني وڃي، يا ان جو حق يا مفاد ٻئي ڏانهن منتقل ڪيو وڃي ٿو، جڏهن ڏيندڙ شخص تي هن شق جو اطلاق ٿئي ٿو تہ ان لاءِ هن ڪانپوءِ ايندڙ شرطيہ بيان هن لاءِ مشروط هوندو، ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ ڪميشن ان کي درست وهنوار نہ ڄاڻيندي. وڌيڪ هي تہ هن شق جو اطلاق نہ ٿيندو، جڏهن:“

(i) ڪا بہ تبديلي يا مالڪاڻو حق يا مفاد لاڳاپيل زمين جي بخشش جي لاءِ يا ڪنهن ٻئي شخص جي حق ۾ يا سندس وارث جي

حق ۾ يا بخشش ذريعي.

(ii) ڪنهن به تبديلي زمين تي مفاد ڪٽنڊڙ ڪو به شخص يا بيوه يا غير شادي شده پيڻ جنهن پنهنجي ابن ڏاڏن جي ملڪيت مان حصو ناهي ورتو، يا

(iii) ڪا به ڏي وٺ جنهن زمين مطابق ڇڏجي، مٿا سٽا ڪجي زمين سان برابر هجي حصو فصل جي بنياد تي ڇڏيو ويندو.

(a) تشريح نمبر 2 هميشہ لاءِ ختم ڪئي ويندي ۽ هميشہ ايئن ئي ختم سمجهي ويندي.

مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 8 جي ترميم
Amendment of paragraph 8 of M.L.R 115

3. ريگيوليشن جي پيراگراف 8 جي ذيلي پيراگراف (2) ڪانپوءِ هينيون ذيلي پيراگراف شامل ڪيو ويندو ۽ هميشہ ايئن ئي شامل ٿيل سمجهيو ويندو، يعني:

"(3) ڪو به شخص، جيڪو ڪنهن به وقت هن ريگيوليشن جي نافذ ٿيڻ کان اڳ پر 21 ڊسمبر 1972 کان اڳ ۾ نہ هجي، زرعي ٽريڪٽر جو مالڪ بڻجي ٿو، جيئن ذيلي پيراگراف (2) جي شق (i) ۾ ڄاڻايو ويو آهي يا پنهنجي زمين تي ٽيوب ويل لڳايو اٿئين، جيڪو 10 هارس پاور کان گهٽ نہ هجي، يا هن ريگيوليشن جي نافذ ٿيڻ ڪانپوءِ ڪنهن به وقت اهڙي ڪنهن ٽريڪٽر جو مالڪ بڻجي ٿو يا پنهنجي زمين ۾ ٽيوب ويل لڳائي ٿو ۽ اهو جيڪڏهن ذيلي پيراگراف (1) جي گنجائشن جي خلاف نہ هجي، تہ انهيءَ ٽريڪٽر ڪتب آڻڻ يا ٽيوب ويل لڳائڻ جو حقدار هوندو ۽ وڌيڪ زمين

جي ايراضي ڪري سگھندو جو اڳ واري زمين ۽ پوءِ حاصل ڪيل زمين چوڏھن ھزار انديڪس پوئنٽس جي برابر ھوندي.

بشرطيڪ اھو شخص جنھن 12 ڊسمبر 1971 تي ٻارنھن ھزار پيداواري انديڪس پوئنٽس کان مٿي زمين جو قبضو حاصل ڪيو ھجي، تہ اھو ذيلي دفعہ تحت ڪنھن اضافي زمين جو قبضو حاصل ڪرڻ جي اھل نہ ھوندو، جيستائين اھو ٻارنھن ھزار پيداوار انديڪس يونٽس جي ايراضي جو قبضو حڪومت حوالي نٿو ڪري.".

مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 10 جي ترميم
Amendment of paragraph 10 of M.L.R 115

4. ريگيوليشن جي پيراگراف (10) ۾:
(a) ذيلي پيراگراف (1) ۾:
(i) لفظ "سروس" جي لاءِ لفظن "سول سروس" کي متبادل بڻايو ويندو ۽ هميشہ ايئن ئي تبديل ٿيل سمجھيو ويندو، ۽
(ii) آخر ۾ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو ۽ هميشہ ايئن ئي اضافو ڪيل سمجھيو ويندو، يعني:

وضاحت: ھن پيراگراف ۽ پيراگراف 12 جي ذيلي پيراگراف (1) جي شق (d) جا مقصد ماٽڻ لاءِ "سول سروس آف پاڪستان" مطلب فيڊريشن يا صوبي جا معاملا ھلائڻ جي سلسلي ۾ ڪا سول سروس، عھدو يا آفيس، ۽ جنھن ۾ شامل آھي، سپريم ڪورٽ يا ھاءِ ڪورٽ جي جج جي سروس، ڪمپٽرولر (Comptroller) ۽ آڊيٽر جنرل، چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ وفاقي يا

صوبائي پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين يا ميمبر، پر ان ۾ شامل نہ هوندا، جهڙوڪ صدر، گورنر، وزير، مملڪتي وزير يا اسپيڪر، ڊپٽي اسپيڪر يا ٻيا قومي يا صوبائي اسيمبلي جا ميمبر.”؛

(b) ذيلي پيراگراف (2) ۾، لفظ، ڏنگيون ۽ عدد “جيئن ذيلي پيراگراف (1) ۾ ڄاڻايو ويو آهي” کي لفظن، ڏنگين ۽ انگ جنهن تي ذيلي پيراگراف (1) جا شرط لاڳو هجن” سان متبادل بڻايو ويندو ۽ هميشہ ايئن ئي تبديل ٿيل سمجهيو ويندو؛ ۽

(c) ذيلي پيراگراف (3) ۾، لفظن “ڊفينس سروسز مان ڪو بہ” کي لفظن ۽ ڪامائن “ملٽري، نيول يا ايئر فورس” سان متبادل بڻايو ويندو ۽ هميشہ ايئن ئي تبديل ٿيل سمجهيو ويندو.

مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 12 جي ترميم
Amendment of paragraph 12 of M.L.R 115

5. ريگيوليشن جي پيراگراف (12) جي ذيلي پيراگراف (12) جي ذيلي پيراگراف (1) جي شق (d) ۾، لفظ “سروس” کي لفظن “سول سروس” سان متبادل بڻايو ويندو ۽ هميشہ ايئن ئي تبديل ٿيل سمجهيو ويندو.

مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 13 جي ترميم
Amendment of

6. ريگيوليشن جي پيراگراف 13 ۾، ذيلي پيراگراف (2) ڪانپوءِ نئون ذيلي پيراگراف شامل ڪيو ويندو ۽ هميشہ ايئن ئي شامل ٿيل سمجهيو ويندو، يعني:

"(3) جتي ڪو شخص پارٽ III تحت اجازت لائق ايراضي کان وڌيڪ زمين تي قابض آهي ته اها اضافي زمين جيڪا ان جي قبضي ۾ آهي گروي ڪيل مقاطعي ۾ حڪومت جي حق ۾ نه ويندي پر هن ريگيوليشن جي ٻئي پيراگراف جي تحت مقاطعيدار يا گروي ڪندڙ کي واپس ڏيندي، جيئن صورتحال هجي.".

paragraph 13 of M.L.R 115

7. ريگيوليشن جي پيراگراف 18 ۾:

(a) ذيلي دفعه (1) ۾، لفظن، انگن ۽ ڪامائن "ربيع 72-1971 ۽ جيڪڏهن اهڙو ڪو هاري ناهي، جيڪو اهڙي زمين جي سلسلي ۾، خريف 1971 ۾ روينيو رڪارڊ ۾ آبادي جي لاءِ قبضي هيٺ رکندڙ ڏيکاريو ويو آهي" کي لفظن ۽ انگن "خريف 1971 ۽ ربيع 72-1971" سان متبادل بڻايو ويندو ۽ هميشه ايئن ئي تبديل ٿيل سمجهيو ويندو.

(b) ذيلي پيراگراف (3) ۾ لفظن ۽ انگن "ربيع 72-1971 يا خريف 1971" کي لفظن ۽ انگن "خريف 1971 ۽ ربيع 72-1971" سان متبادل بڻايو ويندو ۽ هميشه ايئن ئي تبديل ٿيل سمجهيو ويندو.

(c) ذيلي پيراگراف (4) ۾، لفظ "باغ" کانپوءِ لفظن "يا قسطن تي ڏنل زميني ملڪيت جنهن جي قسطن جي سلسلي مان ڪا قسط جمع نه ڪرائي وئي هجي" کي شامل ڪيو ويندو ۽ هميشه ايئن ئي شامل ڪيل سمجهيو ويندو.

مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 18 جي ترميم

Amendment of paragraph 18 of M.L.R 115

8. ريگيوليشن جي پيراگراف 19 ۽ 21 ۾، شرطيہ بيان ۾، لفظن ۽ ڪامائن "سڃي يا اهڙي حصي، يا ايراضي ڪان، اهڙي زمين، جيئن حڪومت مناسب سمجهي" ڪي آخر ۾ شامل ڪيو ويندو ۽ ايئن ئي هميشہ شامل ڪيل سمجهيو ويندو.

مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 19 ۽ 21 جي ترميم
Amendment of paragraph 19 and 21of M.L.R 115

9. ريگيوليشن جي پيراگراف 22 ۾:

(a) ذيلي پيراگراف (1) جي لاءِ هيٺين ريت متبادل ڻايو ويندو ۽ هميشہ ايئن ئي متبادل ڻايل سمجهيو ويندو، يعني:

مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 22 جي ترميم
Amendment of paragraph 22 of M.L.R 115

"(1) گڏ رکيل ايراضي جي برابر يا اصل رکيل ڪان گهٽ نہ ورهائي ويندي، ان ڪانسواءِ جتي پنهنجي اجتماعي، ڏار ڏار يا گڏيل ان ئي ديهہ يا ڳوٺ ۾ ٻي زمين هوندي ۽ اها ورهاست تي اثرانداز ٿيندي، پل الڳ الڳ يا گڏيل هجي، ايراضي رکندڙ پر گذر سفر جي لاءِ زمين ڪان گهٽ نہ هجي.

(b) ذيلي پيراگراف (3) جي لاءِ هيٺين ريت متبادل ڻايو ويندو ۽ ان ئي هميشہ ايئن ئي متبادل ڻايل سمجهيو ويندو، يعني:

"(3) اها گڏيل زمين، جنهن جي ايراضي "اقتصادي هولڊنگ" جي برابر آهي، سا ورهائي نہ ٿي سگهجن، سواءِ ان جي تہ گڏيل زمين رکندڙن ڪي ساڳئي ديهہ يا ڳوٺ ۾ ٻي زمين بہ هجي، ۽ ورهاست زمين رکندڙ

تي اثرانداز ٿئي، پوءِ اها ساڳي ديهہ يا ڳوٺ واري زمين اڪيلي جي هجي يا گڏيل هجي، پر اها اقتصادي هولڊنگ کان گهٽ نہ هجي.“

(c) ذيلي پيراگراف (6) جي لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو ۽ ان ئي هميشہ ايئن ئي متبادل بڻايو سمجهيو ويندو، يعني؛

“(6) پيراگراف جون شرطون ان تي لاڳو نہ ٿينديون، جيڪي اجتماعي رکندا:

(a) ڇڏيل ۽ اڻ ڇڏيل، جيڪا ورهاست لاءِ گهربل هوندي ان جاٽايل طريقيڪار تحت جيڪي بيهر آباد ڪرڻ، وسائڻ جي منصوبي جي مطابق هجن، يا

(b) زمين جو مالڪ هاري يا قابض هاري يا مقاطعيدار، جن ڪي جاٽايل طريقيڪار تحت جيڪو جاري قانون مطابق هجي، ورهاست ڪرڻي هجي.“

مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 23 جي ترميم
Amendment of paragraph 23 of M.L.R 115

10. ريگيوليشن جي پيراگراف 23 جي آخر ۾ هيٺين وضاحت شامل ڪئي ويندي ۽ هميشہ ايئن ڪي شامل ڪيل سمجهي ويندي، يعني؛

وضاحت: هن پيراگراف جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جنهن ڪي زمين ڏني وجي، ان جي معنيٰ:

(a) اهو هاري جنهن ڪي وڪري اسڪيم مطابق منسوخ ڪيل ريگيوليشن مطابق زمين ڪٽت لاءِ ڏني وئي هجي، يا

(b) ڪو هاري يا ان ڳوٺ سان تعلق رکندڙ گهٽ زمين رکندڙ جنهن کي زمين فصل جي ڪٽڻ لاءِ ڏني وئي هجي، اپ گريڊنگ واري منصوبي تحت جيڪو ڄاڻايل منسوخ ڪيل ريگيوليشن جي مطابق هجي.

1972 جي سنڌ آرڊيننس XIV جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance XIV of 1972

11. زميني سڌارا ريگيوليشن (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**